# سنڌي

__/__/202 Day:______

سوال: سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد ۾ لهجن تي تفصيلي نوٽ لکو:-

## جواب:-

سنڌي ٻولي هڪ عالمي عزت رکندڙ قديمي ٻولي آهي. جنهن جي شاخ قديمي دور کان وٺي اڄ تائين سلامت ملي ٿي. ماهرن جو چوڻ آهي ته سنڌي زبان موهن جي دڙي جي دور جي آهي جيڪو اڄ کان تقريبن پنج هزار سال پهريان جو نقش قدم ملي ٿو. ڪجھ ماهران گالھ تي اتفاق راءِ رکن ٿا ۽ ڪجھ ان ڳالھ کي رد ڪن ٿا. اٿين هي سنڌي زبان جا ڪجھ لهجا پڻ ملن ٿا جيڪي سنڌ جي اندروني حصي کان وٺي عالمي جڳھ ۾ ملن ٿا.

1. سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد جا نظريه:

سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد کان

___/___/202 Day:______

جي تحقيق ماهرن پنهنجي
انداز ۾ ڪئي آهي جنهن ۾
ڪجھ اهم نظريا ڪجهه هي
آهن:

(i) سنسڪرت سان ميلاپ وارو
ذڪر يا نظريو:

سنسڪرت زبان سان ميلاپ
وارو ذڪر بيان ڪندڙ ڊاڪٽر
ارنيسٽ ٽرمپ آهي. ڊاڪٽر جي
تحقيق جي حساب سان سنڌي
زبان سنسڪرت سان مليل ٿي.
ڊاڪٽر جو دليل:
ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي ته
سنڌي زبان جو 70 سيڪڙو مواد
سنسڪرت سان مليل ٿو.
حامي: ڀيرو مل مهر چند ليک
پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي
جي تاريخ" ۾ ان ڳالهه سان متفق
ٿئي ٿو ته سنڌي زبان سنسڪرت
سان مليل ٿي.

___/___/202 Day:________

(ii) سامي نظريو:

سامي نظريو سنڌ جي مشهور لبلڪ ڊاڪٽر نبي بخش جو نظريو آهي. جنهن شان بعد ۾ ڊاڪٽر صاحب غير اتفاقي ظاهر ڪئي. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ هيو ته سنڌي زبان جا آواز خاص ڪري "چوسڻا آواز"، "ڄ"، "ٻ"، "ڏ" سامي سان ملن ٿا جيڪي هڪ اربي ۽ عبراني زبان جو لهجو آهي.

(iii) دراوڙي نظريو

دراوڙي نظريو ڊاڪٽر نبي بخش جو هيو. جيڪو پنهنجي پهرين نظريي "سامي" کي رد ڪري خلامو ڪيو ته سنڌي زبان جي پوک دراوڙي خاندان سان ملي ٿي جيڪي "موهن جو دڙو" جا رهواسي هئا.

Scanned with CamScanner

___/___/202 Day:________

## (١) جديد قبول ڪيل نظريو

سنڌي ٻولي جا ماهر جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش آخر ۾ ان ڳالهه تي اتفاق راءِ رکي ٿو جيئن ته سنڌي زبان انڊو-آرين زبان آهي جنهن تي بعد ۾ سنسڪرت زبان اثر پيا. اڄ جي دور جو مقبول ۽ منيل نظريو انڊو-آرين نظريو آهي.

## (٢) سنڌي زبان جا لهجا

لهجا ان لفظ جو مطلب رکن جنهن ۾ هڪ زبان ۾ ڳالهائڻ ۾ فرق نظر اچن. اڪثر لهجا زميني مفاصلي، جبلن، سمنڊ، رسمن ۽ رواجن جي ڪري تبديل ٿيندا آهن

لهجن جا قسم:

سنڌي زبان پنهنجي سر ۾ وسيع زبان آهي جنهن جا "6" وڏا لهجا

هي آهن

(1) ويچولي لهجو: سنڌي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ معيار رکندڙ لهجو ويچولي آهي.
ملڻ جا هنڌ: حيدرآباد، جامشورو مٽياري جي آس پاس علائقن ۾ هي لهجو گهڻي مقدار ۾ ملندو آهي

(2) لاڙي لهجو: لاڙي لهجو بدين سجاول واري علائقي ۾ ملي ٿو. هن لهجي ۾ "ر" کي "ڙ" ڪري پڙهندا آهن.

(3) اترادي لهجو: هي لهجو سنڌ جي اتر واري علائقن ۾ ملي ٿو جنهن ۾ لاڙڪاڻو سکر، شڪارپور وارا علائقا موجود آهن. هي لهجو وزن وارو لهجو سڏيو وڃي ٿو.

(4) ٿري يا ٿريلي لهجو: سنڌي ٻولي جو تمام مٺو لهجو ٿري لهجو آهي

هي لهجو ننگرپارڪر، ڏاٽ پٽ وارا
علائقا پنهنجي نالي سان سڃاتا.
”ڇ“ ۽ ”س“ جو استعمال زياده
ڪيو ويندو آهي.

(٤) ڪڇي لهجو: ڪڇ ۽ گجرات
وارا علائقا جيڪي اڄ جا
ڀارت ۾ شامل هجن آهن
هي لهجو انهن علائقن مان ملي
ٿو، هن ٻولي تي گجراتي ٻولي
جو اثر پڻ ظاهر ٿئي ٿو.

(٥)
لاسي لهجو: لاسي لهجو ريگستان
جبلن وارو حصو جنهن ۾ بلوچستان
جا جابلو علائقا اچي وڃن ٿا
حب، لسبيلو، ڪڇ جو حصو شهدادڪوٽ
جو به ان ۾ شمار ٿئي ٿو.

(3) سنڌي زبان جو اختتامي نظريو
۽ سنڌي زبان جا اهم لهجا:

سنڌي زبان جو آخري قبوليت
وارو نظريو انڊو- آرين وارو

___/___/202 Day:________

نظريو آهي جنهن تي ڪافي ماهر
پنهنجي اتفاقيت ظاهر ڪئي آهي
انهن مان خاص نالو ڊاڪٽر
نبي بخش بلوچ جو آهي. سنڌي
ٻولي جا لهجا ۽ پنهنجي
علائقن جي حساب سان قابل
حيثيت رکن ٿا.